SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر II مجریہ 1987

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1987

سندھ میڈیکل کالیجز آرڈیننس، 1987

THE SINDH MEDICAL COLLEGES ORDINANCE, 1987

فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ءِ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. قاعدا جوڑڻ لاءِ حکومت جو اختیار

Power of Government to make Rules

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1987
SINDH ORDINANCE NO.II OF 1987
سنڌ ميڈيڪل ڪاليجز آرڊيننس، 1987
THE SINDH MEDICAL COLLEGES ORDINANCE, 1987

[18 اپريل 1987]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جي ميڈيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن ۽ شاگردن جي نظم و ضبط سميت لاڳاپيل معاملن کي ضابطي ۾ رکيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته جي ميڈيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن ۽ شاگردن جي نظم و ضبط سميت لاڳاپيل معاملن کي ضابطي ۾ رکڻ ضروري ٿي پيو آهي.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) هيٺ مليل اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ميڈيڪل ڪاليجز آرڊيننس، 1987 سڏيو ويندو.

(2) ان جي سنڌ جي سمورن ڪاليجن تائين تي لاڳو ٿيندو.

(3) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي

متضاد نہ هجي تہ:

وصفون
Definitions

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(b) "ميڊيڪل ڪاليج" مطلب حڪومت جي هڪ هيڊ قائم ٿيل يا سنياليل ۽ هلندڙ ميڊيڪل ڪاليج ۽ جنهن ۾ ڊينٽل ڪاليج بہ اچي وڃي ٿو؛

(c) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جڙيل قاعدا؛

(d) "شاگرد" مطلب ميڊيڪل ڪاليج جو شاگرد.

3. جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي خلاف نہ هجي، پر ميڊيڪل ڪائونسلز آرڊيننس، 1962 موجب، حڪومت قاعدن ذريعي:

قاعدا جوڙڻ لاءِ حڪومت جو اختيار
Power of Government to make Rules

(a) ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلائن تي ضابطو رکي سگهي ٿي؛

(b) شاگردن جي نظم و ضبط تي نظرداري ڪري سگهي ۽ ضابطو رکي سگهي ٿي؛

(c) شاگردن جي رهائش جون جايون جوڙڻ، سنياليءَ انتظام ڪري سگهي ٿي ۽ شاگردن جي رهائش يا هاسٽل لاءِ ڪنهن جاءِ جي منظوري ڏئي سگهي ٿي.

(2) مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تعصب کانسواءِ، قاعدا فراهم ڪري سگهن ٿا:

(a) سيٽن جو تعين ڪرڻ؛

(b) داخلا لاءِ درخواست جو فارم؛

(c) داخلا لاءِ شرط؛

(d) هڪ ادارن مان ٻئي اداري ڏانهن وڃڻ جا شرط ۽ طريقيڪار؛

(e) شاگردن خلاف انتظامي ڪارروائي ۽ ڏنڊ مڙهڻ؛

(f) رهائشي جايون ۽ هاسٽلون قائم ڪرڻ ۽ سنياڻڻ ۽ انهن ۾

داخلا جا شرط.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.